SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXX مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XXX OF 2002

سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH CIVIL COURTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعه 7 جي تبديلي
Substitution of Section 7 of W.P Ordinance No.II of 1962

3. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعه 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of W.P Ordinance No.II of 1962

4. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعه 24 جي ترميم
Amendment of Section 24 of W.P Ordinance No.II of 1962

5. معاملن جي منتقلي
Transfer of matters

سنڌ آرڊيننس نمبر XXX مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XXX OF 2002
سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH CIVIL COURTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[18 سيپٽمبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

2. سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ به ڇاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 7 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعه 7 جي تبديلي

Substitution of Section 7 of W.P Ordinance No.II of 1962

("7. ضلعي جج جي عدالت جو حقيقي دائره اختيار.) هن آرڊيننس يا وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون موجب، سول مقدمن ۾ ڪارروائين ۾ ضلعي جج جي عدالت جو حقيقي دائره اختيار بنا حد جي هوندو يا ان سلسلي ۾ ڪراچي ضلعي ۾ ملهه جي سلسلي ۾ سول سوٽس ۾ ڪارروائين تي ٿيهه لک رپين کان وڌيڪ ملهه لاءِ حقيقي دائره اختيار هاءِ ڪورٽ کي حاصل هوندو."

1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعه 18 جي ترميم

Amendment of Section 18 of W.P Ordinance No.II of 1962

3. ڇاڻايل آرڊيننس جي دفعه 18 ۾، ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1) سواءِ ان جي جيئن مٿي ڇاڻايل آهي هڪ سول جج جي ڊڪري يا آرڊر خلاف اپيل ڊسٽرڪٽ جج کي ڪئي ويندي."

1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعه 24 جي ترميم

Amendment of

4. ڇاڻايل آرڊيننس جي دفعه 24 ۾، لفظ "پنج لک رپيا" جتي به اچن، انهن کي لفظن "ٽيهه لک رپيا" سان تبديل ڪيو ويندو.

Section 24 of W.P Ordinance No.II of 1962

معاملن جي منتقلي

Transfer of matters

5.سمورا مقدما، اپيلون ۽ ڪارروايون جيڪي ضلعي جج طرفان ٻڌل جوڳي اصلي ملهه يان ان جي ڏوڪڙن بابت دائره اختيار جي ملهه کان وڌيڪ نه هجن ۽ ڪراچي کان ٻاهر هجن جيڪي هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ ترتيبوار هاءِ ڪورٽ ۾ التوي هيٺ هجن اهي نيڪال لاءِ لاڳاپيل ضلعي جج ڏانهن منتقل ٿي ويندا.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.